# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1972

# SINDH ACT NO.II OF 1972

# سنڌ (سنڌي زبان جي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972

# THE SINDH (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) ACT, 1972

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان، شروعات ۽ اضافو

Short Title, commencement and extent

2. تعريف

Definitions

3. گورننگ باڊي جي جوڙجڪ

Constitution of Governing Body

4. صوبائي زبان

Provincial Language

5. سنڌي تدريس

Teaching of Sindhi

6. سنڌي زبان جي ترقي

Promotion of Sindhi

7. سنڌي زبان جو استعمال

Use of Sindhi

8. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

# سنڌ ايڪٽ نمبر II مجريه 1972

# SINDH ACT NO.II OF 1972

# سنڌ (سنڌي زبان جي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972

# THE SINDH (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) ACT, 1972

[17 جولاءِ 1972]

ايڪٽ، جنهن جي توسط سان سنڌي زبان جي تدريس، ترقي ۽ استعمال لاءِ قدم کنيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته عبوري آئين اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آرٽيڪل 267 موجب قومي ٻولي کي متاثر ڪرڻ کانسواءِ صوبائي قانون ساز ادارا قانون سازي تحت قومي ٻولي سان گڏوگڏ صوبائي ٻولي ۾ به تعليم ۽ ان جي ترقي ۽ استعمال بابت قدم کڻي سگهن ٿا.

۽ جيئن حڪومتي ادارن ۽ آفيسن ۾ سنڌي زبان استعمال ڪئي وڃي.

۽ جيئن تہ سنڌي زبان کي تعليمي ادارن ۾ لازمي مضمون طور پڙهايو ويٺو هو پر مارشل لا جي اعليٰ اختياري جي زباني حڪمن ذريعي ان کي منقطع ڪيو ويو.

۽ جيئن تہ صوبي سنڌ جي خواهش ۽ فطري امنگن موجب صوبي ۾ سنڌي ٻولي جي ترقي ۽ ان جي استعمال لاءِ مناسب قدم کڻڻ گهرجن.

ان ڪري هن ايڪٽ کي هيٺين ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان، شروعات ۽ اضافو

Short Title, commencement and extent

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (سنڌي زبان جي تدريس، ترقي ۽ استعمال) ايڪٽ، 1972سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور نافذ ٿيندو ۽ سڄي صوبي سنڌ ۾ ان جو نفاذ ٿيندو.

تعريف

Definitions

2. هن ايڪٽ جو مقصد عنوان ۽ تناظر جي ابتڙ نہ هجي تہ هيٺين لفظن جو مفهوم هن ريت ورتو ويندو:

(a) "اسيمبلي" مطلب سنڌ جي صوبائي اسيمبلي.

(b) "گورنمينٽ" مطلب سنڌ حڪومت

(c) "ڊپارٽمينٽ آف گورنمينٽ" مطلب حڪومت جي ڪنهن بہ ڊپارٽمينٽ ۽ ان ۾ شامل خودمختيار باڊي، لوڪل ڪائونسل يا لوڪل اٿارٽي.

(d) "انسٽيٽيوشن" مطلب اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا ٻيا تعليمي ادارا

گورننگ باڊي جي

**جوڙجڪ**

**Constitution of Governing Body**

3. سنڌي صوبي سنڌ ۾ صوبائي ٻولي طور استعمال ٿيندي.

**صوبائي زبان**

**Provincial Language**

4. (1) سمورن تعليمي ادارن ۾ چوٿين جماعت کان ٻارهين جماعت تائين اردو ۽ سنڌي کي لازمي مضمون طور شامل ڪيو ويندو.

**سنڌي تدريس**

**Teaching of Sindhi**

(2) سنڌيءَ جي بحيثيت لازمي مضمون جي شروعات هيٺين سطح جي ڪلاس يعني IV کان ٿيندي ۽ تجويز ٿيندڙ سطحن موجب ان کي هائر ڪلاسز XII جماعت تائين متعارف ڪرايو ويندو.

**سنڌي زبان جي ترقي**

**Promotion of Sindhi**

5. حڪومت ثقافت جي ترقي ۽ سنڌي ٻولي جي واڌاري لاءِ ڪا 1[اٿارٽي، اڪيڊميون ۽ بورڊس] جوڙي سگهي ٿي.

**سنڌي زبان جو استعمال**

**Use of Sindhi**

6. حڪومت آئين ۾ ڏنل گنجائش ذريعي اهڙا انتظام ڪري سگهي ٿي ته صوبي ۾ سنڌي ٻولي جي استعمال کي آفيسن ۾ حڪومت جي شعبن، جنهن ۾ ڪورٽس ۽ اسيمبلي به شامل آهن، سنڌي زبان جي ترقي کي هٿي ملي سگهي.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**

7. (1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

| | |
|---|---|
| Power to make rules | (2) خاص طور ۽ ڪنهن اختيار جي مجموعي اختلاف کانسواءِ، حڪومت جا جوڙيل قاعدا هيٺين مقصدن لاءِ هوندا: |
| | (a) بتدريج تعليمي ادارن ۾ سنڌي ٻولي کي لازمي مضمون طور متعارف ڪرائڻ، |
| | (b) 2[اختياري، اڪيڊميون يا بورڊس بڻائڻ ۽ انهن جي اختيارن ۽ مقصدن جو تعين ڪرڻ. |
| | (c) حڪومتي ادارن ۽ آفيسن، اسيمبلي، عدالتن ۽ ادارن ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ سنڌي زبان کي هٿي وٺرائڻ |

---

1. سنڌ ايڪٽ VIII مجريه 1990 تاريخ 23 ڊسمبر 1990 ۾ متبادل بڻايو ويو.
2. ساڳيو

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**